# درياءَ ۽ سامونڊي ڪنارن سان زندگي

حبيب الله صديقي




سنڌي ادبي بورڊ

# دريا ۽ سامونڊي ڪنارن سان زندگي

حبيب الله صديقي

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

بتعاون :

وزارت تعليم حڪومت پاڪستان
اسلام آباد

پبلشر:

سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ
١٩٨١ع

ڇاپو پهريون      سال ١٩٨١ع      تعداد ٢٠٠٠

[سڀ حق ۽ واسطا قائم]

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

**قيمت: چار روپيا**

**[Price: Rs. 4-00]**

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
۾ مئنيجر ميان الله بچائي يوسف زئي ڇپيو، ۽ غلام رباني آگري
سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ ان کي ڇپائي پڌرو ڪيو.

# فهرست


۱. جتي پاڻي، اتي پاڻ ۱-٦

۲. آبڪلائي، آڏل ۽ پوڏ ۷-۹

۳. درياهہ جي وٽ سان زندگيءَ جو وهنوار ۱۰-۱۴

۴. ماڻهو ۽ سندن ڌنڌا ۱۵-۲۰

۵. شهر ۽ ٻهراڙيون ۲۱-۲۴

٦. ڦاٽ ۽ واهہ ۲۵-۲٦

۷. ڍنڍون، ٻيلا ۽ ٻيٽ ۲۷-۲۸

۸. جبل، نيون ۽ شاهراهون ۲۹-۳۱

۹. سامونڊي ڪنارو ۳۲-۳٦



# جِتي پاڻي، اُتي پاڻ

ٻوٽا ڦِرندا پاڇَ آهن. جيڪا زمين سوين سال غيرآباد رهي هجي، اها به آباد ٿي سگهي ٿي، پر جي پاڻي مليس!

زمين جي آباديءَ تي انسانذات جي کاڌ خوراڪ، سڌاري ۽ واڌاري، ساهت، سڀيتا ۽ هنرن بلڪ ماکيهن پنهنجي وجود جو آڌار آهي.

ڪي ملڪ اهڙا به آهن، جن مان فقط هڪ ندي وهي ٿي سا به نوڪلي سندن نه آهي. متئين ڪنهن ملڪ مان وهي نڪري ٿي ۽ وٽانئن ٿيندي هيٺئين ڪنهن ملڪ ۾ وڃيو ٿي پوي. پوءِ به اهي ملڪ زراعت ۽ هنرن، ڪاريگريءَ ۽ واپار، ڌنڌن ۽ روزگارن ۾ صدين کان آسودا ملڪ ليکبا اچن ٿا. اهڙو هڪ ملڪ مصر آهي، جيڪو نيل نديءَ جي سوغات آهي.

اسان جي سنڌ وري سنڌونديءَ جي سوکڙي آهي. سنڌوندي دنيا جي ندين ۾ سترهون نمبر وڏي ندي آهي. هماليه جبلن جي ڪيلاس پربت ۾ هڪ ڍنڍ آهي، جنهن کي مانسيرُوَرُ ڍنڍ چوندا آهن. سنڌوندي، انهيءَ مانسروور ڍنڍ مان نڪري، ڪشمير جي گلگت وارو جابلو حصو لتاڙي، پنجاب ۽ سنڌ جي ميدانن کي سيراب ڪري، ارڙهن سؤ ميلن جي منزل هڻي، شاهبندر وٽ اچي عربي سمنڊ ۾ چوڙ ڪري ٿي.

سنڌوندي سنڌ جو ته جِهڙوڪَرَ ساهُ آهي. جي اها نه هجي ته سڄي سنڌ هوند برپٽ بيابان ٿي وڃي. ٿر وانگر رڳو واري پيئي وسي.

سنڌونديءَ جي ڪناري: ڪڙمي ڪاسبي، ڏنار پهنوار، ماڇي مهاڻا، واپاري ۽ ٺيڪيدار، توڙي ڪاسورا ڪڙا زندگيءَ جا سکيا پهر پيا گهارين.

زندگيءَ جو هي سلسلو هزارين سالن کان جاري آهي. موئن جو دڙو ۽ ڪوٽ ڏيجيءَ جو قلعو، ٺٽو ننگر ۽ سيوهڻ شريف، آمريءَ جا آثار ۽ ٻيا ڪيترائي پراڻا پَڊَ انهيءَ ڳالهہ جا شاهد آهن تہ سنڌونديءَ جي ڪناري تي آڳاٽي زماني ۾ بہ ڪيترا وڏا شهر بستيون، ڳوٺ وسنديون، وڻاڻ، قومون ۽ قبيلا آباد هوندا هئا. ڀلاري ڀٽ ڌڻيءَ جو هي بيت اها روئداد بيان ڪري ٿو:

پڇون پراڻي نہ ٿئي،
جهونو ٿئي مَ ميچ،
ٻنيءَ متان ٻيج،
هاريندڙ هليا ويا.

ائين نہ آهي تہ ڪو سنڌوندي هميشه کان هڪ هنڌان پئي وهي آهي. سنڌ اندر سنڌونديءَ ڪيئي ڀيٽ مٽايا آهن. هڪ انگريز عالم جو چوڻ آهي تہ دنيا ۾ اهڙي ٻي ڪابہ ندي ڪانہ آهي، جنهن هن درياهہ وانگر پنهنجو وهڪرو بدلايو هجي. انهيءَ جو سبب هي آهي تہ سندس ٻيئي ڪپ هيٺانهان آهن ۽ سندس پيٽ يا تري جي زمين بہ اهڙي سخت نہ آهي، تنهنڪري آئل وقت جيڏانهن اڇيس ٿو تيڏانهن ڀيٽ مٽايو وڃي. انهيءَ ڪري ڪيس "پورالي سنڌو" بہ ڪري چوندا آهن.

سنڌ ۾ عام چوڻي آهي تہ "جتي پاڻي آهي، اتي پاڻ آهي". اها چوڻي انهيءَ ڪري ٺهي، جو ڏٺو ويو تہ جيڏانهن ٿي سنڌونديءَ جي لڙائيل پاڻيءَ ڦيرو ڦريو، تيڏانهن ٿي خلق خدا جي لاڙو ڪيو.

به سؤ سال اڳ جي ڳالهه آهي ته سنڌو نديءَ هالا ۽ نصرپور جي وچان وهندي هئي. عيسوي سن ١٧٥٨ ۾ ”پورالي سنڌو“ سوچ ۾ اچي، هالا کان سڌو ڏکڻ طرف رُخُ رکي، نيرون ڪوٽ جي اوله کان وهڻ لڳي، جتان اڄ سوڌو وهندي رهي ٿي. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو، جو نيرون ڪوٽ، حيدرآباد جو روپ ڌاري، سنڌ جو تخت گاهه بڻيو، ۽ نصرپور پنهنجو اڳيون اوج قائم رکي ڪانه سگهي. ساڳي ڪار آتر ۾ روهڙيءَ ۽ اروڙ سان ٿي. عربن جي سنڌ تي ڪاهه وقت روهڙي شهر جو ڪو به نالو نيشان ڪونه هو. پر پوءِ جڏهن سنڌو نديءَ پنهنجو پراڻو اروڙ وارو وهڪرو ڦيرائي، سکر ۽ روهڙيءَ جي وچان وهڻ شروع ڪيو ته روهڙي شهر جو پايو پيو ۽ اروڙ ڦِٽي ڊٺا تي ويو.

اروڙ جا نشان روهڙيءَ جي ڏکڻ-آوڀر ۾ آيرنديءَ ناري لڳ اڄ به موجود آهن. هجري سن ٧١١ ۾ محمد بن قاسم جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت اروڙ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو. عربن پنهنجي گاديءَ جو هنڌ منصوري ۾ قائم ڪيو. پوءِ ٻن صدين تائين اروڙ هندو آباديءَ جو مرڪز رهيو. آخر ۾ درياهه جي منهن موڙي وڃڻ سبب ڦٽي ويو. اهڙو ئي هڪ ٻيو شهر ڪوٽڙي ڪبير جي نالي سان انهيءَ منهن موڙڻ جي ست سهي، اڃا به ساڳئي نالي سان ٺئين هنڌ تي آباد آهي؛ جيئن نصرپور ساڳوٺي هنڌ تسي آباد آهي؛ پر اهو اڳوڻو اوج ڪٿي! پراڻي ڪوٽڙي ڪبير جا نشان ڊڙن جي صورت ۾ تعلقي ڪنڊياري ۾ ڀلاڻي شهر کان اٽڪل چئن-پنجن ميلن جي پنڌ تي قومي شاهراهه جي اوڀر ۾ آهن. هن پراڻي شهر جي اوله طرف درياهه وهندو هو، جنهن جا نشان اڄ تائين واريءَ جي صورت ۾ موجود آهن. اهو ئي درياهه ”ساهتيءَ“ جي زمينن کي آباد ڪندو هو. شهداد پور کان

سهڻيءَ ۽ ميهار جي قبرن جو وچ ڏيندو، تنهن ۾ پراڻ جي نالي سان سڏبو، رحمڪي بازار ڪان وڃي سمنڊ ۾ پوندو هو. هاڻي آتي واري پيئي وسي.

اهڙوئي هڪ مثال پاڻيءَ جي منهن سوڙڻ جو سنڌ ۾ هاڪڙي دريا، جي نالي سان مشهور آهي.

هاڪڙو دریاهہ آپرندي پنجاب، اتر راجپوتانا ۽ سنڌ جي ٿرپارڪر ضلعي کي آباد ڪندو هو. سندس سڪي وڃڻ کان پوءِ، ٿَرُ بَرُ ٿي ويو. سنڌ جا پراڻا نقشا ڏيکارين ٿا ته آريا قوم جي سنڌ ۾ اچڻ وقت هاڪڙو درياهہ موجود هو. ٿَرَ جي واريءَ جي پٽين جي باري ۾ ڪن عالمن جو خيال آهي ته اڳ هي حصو سمنڊ جي هيٺان هو. اهو خيال هن ڪري درست سمجهيو وڃي ٿو، جو عربن جي سنڌ فتح ڪرڻ وقت، سمنڊ جو هاٺوڪو ڪنارو چاليهہ ميل اورتي هو. بدين جو شهر پڻ ڪڇ جي رڻ ۾ هو. اڪبر بادشاهہ جي ڏينهن ۾ سمنڊ بدين کان وهندو هو. پر ٻين عالمن جي هيءَ راءِ آهي ته هاڪڙي جي وجود سنجڻ ڪري واريءَ جا دڙا ظاهر ٿيا آهن، ڇاڪاڻ ته اها پڪ آهي ته هاڪڙي ۽ ان جي شاخن ڪري ٿرپارڪر ضلعو ۽ ڇاڇڪان ان وقت سنڌ جا زرخيز ڀاڱا هئا.

آپرندو نارو، جنهن جو سُنهن اڄڪلهہ سکر براج جي ڪاٻي پاسي آهي، سو هاڪڙي جي پراڻي پيٽ مان وهي ٿو، باقي هاڪڙي جون شاخون، جن تي ٽن ملڪن جي آبادي ٿيندي هئي. سي پڻ موجود آهن ۽ برسات کان پوءِ پاڻي سان پرجيو وڃن. هاڪڙي جي ڪناري تي خاص ڪري چوڙ واري هنڌ تي ڪيترن ئي قديم شهرن جا نشان مليا آهن، جي ڪنهن زماني ۾ وڏي اوج تي هئا. پر اڄ هاڪڙي

جو پاڻي نه آهي ته پاڻ به نه آهن. تڏهن ته چيو اٿن ته، ”جتي پاڻي، اتي پاڻ.“

سنڌ ۾ سنڌونديءَ راڄپوتانه جي ريگستاني علائقن جي حدن کان وٺي الهندي وارن کيرٿر جبل جي قطارن تائين هڪ سؤ ستر ميلن واري ميداني علائقي اندر ڪيترائي ڀيرا پنهنجو پيٽ مٽايو آهي.

پوئين ڀيري، عيسوي سن ۱۷۵۷ ۾، سنڌونديءَ پنهنجو رخ بدلائي اروڙ، ڪوٽڙي ڪبير، سهٽيءَ جي قبر لڳ شهداد پور ۽ نصرپور وغيره کي ڇڏي، روهڙي، ڪوٽڙي ۽ حيدرآباد جا شهر وسايا. ان سلسلي ۾ هالڪنڊي شهر جو ذڪر ڪرڻ ضروري آهي، جو ان جي احوال مان پتو پوي ٿو ته نه فقط درياهه جي سُڪڻ موڙڻ سبب بستيون ۽ شهر برباد ٿين ٿا، پر ان جي پاڻ ۽ ٻوڏ سبب پڻ ڪيتريون وسنديون ويران ۽ شهر غرق ٿين ٿا.

هاڻوڪي پراڻا هالا ڳوٺ جي الهندي طرف اڌ ميل پنڌ تي هالڪنڊي نالي هڪ وڏو شهر هوندو هو.

هالڪنڊي شهر جي اولهه ۾ ”مير پيلو“ نالي هڪ ڳوٺ هو، جنهن جي الهندي وٽ سان وڏا باغ هوندا هئا. اتان درياهه ٻن ميلن جي پنڌ تي وهندو هو.

مير پيلو هالا ذات جي ماڻهن مخدوم نوح رحمت‌الله عليه جن کي نذراني طور ڏنو هو. مخدوم نوح رحه هن ڳوٺ جي اڀرندي طرف رهندو هو. سندس وفات بعد کيس هالڪنڊي شهر جي مقام ۾ دفنايو ويو.

اٽڪل عيسوي سن ۱۵۹۸ ڌاري هن شهر کي درياهه پائڻ شروع ڪيو. پڇي بزرگن ۽ انهن سان واسطو رکندڙ ماڻهن پنهنجا گهر هالڪنڊي شهر جي اڀرندي طرف ميڻيءَ

جي ھڪ وڏي دڙي تي اچي اڏيا. مخدوم نوح رحہ جي
ٽڏھوڪي گادي نشين ۽ سندس مريدن خادمن ھالڪنڊيءَ
کان لڏي، ٻن - اڍائن ميلن جي مفاصلي تي اڀرندي طرف اچي،
اسلام آباد جي نالي سان شھر ٻڌو، جنھن کي ھاڻي ”ھالا نوان“
چون ٿا. مخدوم نوح رحہ جي ميت مبارڪ کي ھنن پيتيءَ
۾ وجھي، آڻي ھالا نوان ۾ ھاڻوڪي مقبري ۾ دفنايو.

ائين پوراليءَ سنڌوندڍءَ اسان کان ڪيترائي پراڻا شھر
کسيا آھن، ۽ انھن جي بدران نوان شھر ڏنا آھن.

# آبڪلاڙي، اٿل ۽ ٻوڙ

سنڌونديءَ، جنهن کي مهراڻ به سڏيندا آهن، تنهن جي موج مشهور آهي. هماليه جبلن جي ڪيلاس پربت تي سڄو



سيارو جيڪا برف پوي، سا اونهاري جي مند تي رجي، وهيو اچيو مانسرووَر ڍنڍ ۾ پوي. اهو پاڻي، سونهاريءَ سنڌونديءَ رستي پنهنجي ارڙهن سؤ ميلن جي ڊگهي وهڪري ۾ هزارين بستين، لکين گهرن، ڪروڙين ايڪڙ زمين ۽

# درياهہ جي وٽ سان زندگيءَ جو وهنوار

هيڏانهن پاڻي لٿو هوڏانهن ڪَچي جا ماڻهو هر ڦار
ڪي لڳا. ڪٿي چڻ ته ڪٿي ڪيڻ ۽ ناڙيءَ. جهڙو زمين



جو وَرَنُ تهڙو وجهنس فصل. جهنگ، آبڪلاڻيءَ جي موسم

ڪان اڳ هنيو ڇڏين. ٻج پٽ جو بلو به ڪيل هوندو اٿن. زالين مردين ڪم ڪي جنبيو وڃن. ائين پيو لڳندو آهي، ڇڻ پلاري پٽ ڏٺيءَ جو هيءُ بيت هينئين سان هنڊايو اٿن:

هاري حق رکيج سنڀاران ساهڙ جو،
خواب خيال خطرا تن کي ترڪ ڏيج،
انهيءَ راهه رميج ته مشاهدو مائين.

هاري نار هرڦار کي لڳيو وڃي، پر زميندار جيڪو پاڻ هاري نه آهي، سو به انهن جي سربراهيءَ ۾ ڪُٽي نه ماپندو. پر، وري به هرڪو چوي: "ڪچو ڏچو آهي". چو ته ڪين هرسال حڪومت کان يڪسالا اجازت ناما حاصل ڪرڻا پون ٿا. هر سال زمين جي ماپ ٿئي ۽ تڪن جي صورتحال ٿهي، نه ته دنگن تي جهيڙا فساد ۽ خونريزي ٿيو پوي، جنهن ۾ سري جهري وري به هاري ٿو پر اسپتالن ۽ وڪيلن وڙن جو خرچ بہ زميندار جي هنيو چيلهه ڇپي ڪيو وڃي. ان کان سواءِ پوک جي پيل ۽ ٻار سان ان جي چوري، جنهن تي پري کان نظر بہ نه رکي سگهجي، سا خاص طرح ڪچي جي زميندار لاءِ سچ ته ڏچو آهي. پر جي رکو ڪچي جي هاريءَ کان پڇبو ته چوندو ته خود زميندار جو بہ مٿن ڏچو آهي. ٻوڏ ۾ ٻڏن هاري، زمين ٻيهر ڪيڙن، ڏک جهلين، پوک راهه جي هر وقت سنڀال ڪن، پوءِ به فصل جو اڌ زميندار جو. ڪاٿيءَ لڪڙيءَ، ڦٽ ٻيگر ۽ ونگار لاءِ جدا هو پنهنجي زميندار سان ٻڌل. پر زميندار سان هو به خوب پڄيو اچن. ٻج سان به ڪائينس ته ول سان به ڪائينس. آخر ۾ فصل ڏينس طاقت سارو. يعني جيڪڏهن طاقت وارو زميندار آهي ۽ ٻنئي زور تي به ونئي ويندو، ته ڏينس، نہ ته اهڙي ڪار ڪنس، جو ٻيهر ڪچي جو منهن بہ نہ ڪري.

عزت آبروءَ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نٿيون گهُرن. هنن جي دماغ ۾ ٻيا رنگين، نازڪ ۽ اجايا خيال اچي بہ ڪٿان سگهن؟ هنن وٽ شيطان جي ڪارخاني وارو واندو مغز تہ نہ آهي. پرهہ ڦٽيءَ کان مُنهن اونداهيءَ تائين نہ هٿن کي واند اٿن ۽ نہ خيال خبرداريءَ کان اجيون آهن. پر پوءِ بہ پنهنجن ٻارن ۽ مردن جي سار ئي سار لهن ۽ چاڪري ئي چاڪري ڪن، پهريائين ڪين ڪارائي پوءِ پاڻ کائين، ۽ پهريائين ڪين سمهاري پوءِ پاڻ سمهن.

هڪ ٻي ڳالهہ جيڪا ڪڇي توڙي ٿر ۽ ريگستان جي عورتن ۾ عام ڏٺي ويندي، اها آهي سندن شرم ۽ حيا، لڄ ۽ پردو. اوهان کي تہ خبر آهي تہ ٻهراڙيءَ جون پورهيت عورتون هارياڻيون، مايون ٻايون ۽ دايون برقعو ڪونہ پائين. تنهن هوندي بہ ڪو ائين ڪونہ چئي سگهندو تہ 'مون ڪنهن ٻهراڙيءَ جي منهن اگهاڙيءَ عورت کي چتائي ڏٺو يا ساڻس اکيون اکين ۾ ملايون!' چاڪاڻ تہ اهي منهن اگهاڙيون عورتون ڪڏهن بہ اک کڻي ڪنهن غير مرد ڏانهن نہ ڏسنديون آهن، ۽ ڌاريو مرد ڏسي پاڻمرادو حجاب ڪنديون آهن، اهو ئي سچو ۽ اصلي پردو هوندو آهي- جيئن قرآن شريف ۾ الاهي فرمودو آهي تہ..."انهن مومن عورتن کي چئو تہ آهي پنهنجي اکين تي قبضو ڪن".

ڪڇي جا ٻار غضب جا ارڏا پر بلا جا محنتي ۽ غيرت وارا آهن. سندن تعليم نهايت آسانيءَ سان ٿي سگهي ٿي. ماسترن لاءِ سٺو موقعو آهي تہ هو اينڌڙ نسلن جي تعمير ڪندي انهن مان غازي، شهيد ۽ مجاهد پيدا ڪن ۽ عالم، فاضل، ڏاها، ايماندار ۽ محنتي پورهيت تيار ڪن.

---

# ماڻھو ۽ سندن ڌنڌا

پوک ڪاريگري ۽ واپار اصل کان سنڌ جي درياھي ڪنارن تي رھندڙ ماڻھن جا خاص ڌنڌا ٿي رھيا آھن.



عيسوي سن ١٨٤٣ع ۾ انگريزن سنڌ فتح ڪئي. ان بعد ھنن جيڪي گورا عملدار ھتي حڪومت ھلائڻ لاءِ مقرر

هڪ انگريز فاتح جي نظر ۾ ته سنڌوندي‌ءَ جي ڪناري تي رهندڙ ماڻهو ڪٽي ڪهڙا به هجن، پر اها ڳالهه ته هرڪنهن کي معلوم آهي ته سنڌي سڀاجهڙا آهن. آٽي‌ءَ وهٽي‌ءَ، ننگ ناموس، مهل موقعي ۽ ڪارائڻ پيارڻ جا ته مڙس ماڻهو آهن، پر ڳالهائڻ ٻولهائڻ، سهپ ۽ صبر ۾ مسڪين آهن. ڪنهن کي ڪين چون ته تنهنجي منهن ۾ ڇا آهي. چون ته

اڳ اڳرائي جو ڪري خطا سو ڪائي،
پَلاوُ ۾ پائي ويو ڪيني وارو ڪينڪي.

مستي‌ءَ ۽ ٻئي تي پاڙڻ مان ڇاٽن ئي ڪين - نه رڳو پاڻ ڪمائي کائين پر پاڻ ڪمائي ٻين کي پهريائين کارائين ۽ پاڻ پوءِ کائين! ياري رکن ته چون ”ننگ در آهن. باقي يار تان سر به صدقو آهي“. سچار، وفادار، اورچ ۽ ڪشادي‌ءَ دل وارا ماڻهو آهن.

منجهانئن جيڪي درياهہ جي وٽ يا سمنڊ جي ڪناري سان رهن ٿا سي ته اڃا ئي وڌيڪ درياهہ دل ۽ اونهي هانءَ وارا آهن - پورهيي ۾ سندن ڪو ست نه آهي. سارو ڏينهن ڪم ڪار ۾ رڌل رهن ٿا - هنر ڪاريگري ۽ وڻج واپار ۾ جيتوڻيڪ پڪي وارن ماڻهن تي سندن گهڻو آڌار آهي تڏهن به قدرتي وسيلن کي ڪم آڻيندڙ هي ماڻهو وڻن ٽڻن، ڪکن ڪانن ۽ ڪتب آندل شين کي ٻيهر ٿاهي جوڙي ڪم ۾ آڻڻ جا ڪوڏيا آهن: ڪارا ٿاهڻ، ڪنڊيون واڻڻ ۽ رليون سبڻ ته ڪو ڪانئن سکي.

سنڌ ۾ رهندڙن ماڻهن کي سمجهڻ لاءِ سنڌ جي قدرتي ڀاڱن تي نظر ڪرڻ ضروري آهي. سنڌ جي زمين کي پنجن قدرتي ڀاڱن ۾ ورهايو ويو آهي: سرو، لاڙ، وچولو، ٿر ۽ ڪاڇو.

مرحوم الهہ بچايو سمون پنهنجي ڪتاب ”سير ڪوهستان“ ۾ هتان جي ماڻهن جي باري ۾ ڏاڍو مٺو بيان ڏنو آهي. هتان جون مائرون پٽن کي چون:

ڏونرو ڏگ پڇي لگ،
پنڙا ڪنڙو سنڙو،
پيءُ تہ ڏنڙو سنڙو.

انهن جي مهمان نوازيءَ جي بہ سڄي ملڪ ۾ واڪاڻ آهي. پر سڀ آهي هوند سان- هوندو هڙ تي تہ پرين کي پيش ڪبو، نہ تہ بہ جيڪي حال سو پريان نال!

سنڌ جو هي ڀاڱو بہ ٿر وانگر وَٺي تي آهي- وس ٿيندي، نيون لهنديون تہ ماڻهو بند ٻڌي، ڀاٽي ڪٺو ڪري، پوک ڪندا آهن.

سنڌي ماڻهن ۾ هي چوڻي عام آهي تہ:

”اُتم کيتي وڌندڙ واپار،
نيچ نوڪري پنڻ بيڪار“.

چون ”کيتي سر سيتي“. سو جن ڪان سري سگهيو ٿي، تن کيتيءَ کي پنهنجو ڌنڌو بنايو. کيتيءَ سان گڏ مال ڌارڻ ۽ هٿ جي هنرن جا ٻيا ڌنڌا جهڙوڪ جنديءَ ۽ ڪاشيءَ جو ڪم، چمڙ ۽ ڪورڪو ڪم ۽ لوهارڪو ۽ ڊکاڻڪو ڪم سکيا ۽ انهن ۾ ڪمال ڪاريگري ڏيکاريائون.

# شهر ۽ ٻهراڙيون

سنڌ جي نقشي تي نظر ڪبي ته ڏسبو ته سنڌ جي سينڌ سنڌو ندي جڏهن سکر شهر کان مُنهن ڪڍي ٿي، ته سندس ڪُلهي گَسَ روهڙيءَ وارين ٽڪرين سان ٿئي ٿي. اتان کان ٽڪر، ٽڪريون، شهر، ٻهراڙيون ۽ ٻيلا پنهنجي سهاڄي ساهه سنڌو نديءَ کي ڀاڪر ۾ ڪري، آڻي سپرينءَ سمنڊ پيڙو ٿا ڪن، جتان سامونڊي ڪنارو شروع ٿئي ٿو جنهن ۾ ڪاريون ۽ ناريون ۽ پوءِ عربي سمنڊ آهي.

پر جي پاڻ پنهنجي سر انهيءَ سير سفر تي نڪربو ته ڏٺي ٻڌي جا فرق معلوم ٿيندا. سنڌو ندي سکر ۽ روهڙيءَ جي وچان وَهندي ڪهڙو نه نظارو ٿي ڏيکاري! اهڙو ئي ڪو نظارو ڪينجهر ۾ پسي شاهه لطيف فرمايو هو:

هيٺان جَرُ مٿان مَڇَرُ پاسي ۾ وٽراهه،
اڇي وڇي وچ ۾ تماچيءَ جي ساءَ،
لڳي آتر واءَ، ڪينجهر هندورو ٿئي.

روهڙيءَ ۽ سکر جا شهر پاڻ ۾ سنڌو نديءَ تي ٻڌل پل رستي ڳنڍيل آهن. اها پل ٻه ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، جن جي وچ ۾ بکر جو ٻيٽ آهي. هڪ اديب جو چوڻ آهي ته "سکر يا بکر کان بيهي جيڪڏهن روهڙي شهر ڏانهن نظر ڪبي، ته ائين ڏسڻ ۾ ايندو ڄڻ ڪنهن ست سمنڊ پار پرين جي ديس تي نظر پئجي رهي آهي."

پرڏيهي سيلاني اهو نظارو ڏسي، روهڙي شهر جي ڀيٽ اٽلي ملڪ جي مشهور مٺي شهر وينس سان ڪندا آهن.

ڪي پسند ڪريان ٿي، جيڪي واھڻ ۽ ننڍڙن ڳوٺن ۾ رهن ٿا......

هو وڏيڪ لکي ٿو ته:

هر ڪنھن گهر کي پنھنجي مال لاءِ پنھنجو واڙو آهي، چاڪاڻ ته سنڌي چوپائي مال کي پيار ڪندا آهن. هن ديس جا سپوت هميشه کلمک ۽ خوش مزاج طبعيت جا صاحب ٿي رهيا آهن. ڪم ڪار، پيار ۽ محبت، کل ۽ خوشيءَ، لئي ۽ رَس جا ڪوڏيا آهن. سيڙن ۽ ملاکڙن لاءِ هنن جو شوق ۽ پيار ملڪان ملڪ مشهور آهي.“

اڄ سؤ سال گذرڻ بعد به، سيني جي اها آس آهي ته ”سنڌڙي شال تنھنجا ڳوٺ وسن!“

# جبل، نيون ۽ شاهراهون

سنڌ جي اولهه ۾ هالار جبلن جون قطارون آهن، جن سان لڪيءَ ۽ آمريءَ وٽ سنڌو نديءَ جو پاڻي اُٻڪلاٽيءَ جي موسم ۾ ٽڪرائجي، پوئتي وري ٿو. هاڻي انڊس هاءِ وي (شاهراهه سنڌو يا سنڌو نديءَ جو شاهي دڳ) ڪي اوچو ڪيو پيو وڃي، جيئن ٻوڏ وقت پاڻي رستو پار ڪري، جبلن ۽ انهن جي دامن ۾ آباد ٿيل ماڻهن جي ڳوٺن ڏانهن وڌي نه سگهي. ريلوي لائين به اُتان لنگهي ٿي، تنهنڪري اُن کان بچاءَ جو هر سال اڳي کان وڌيڪ انتظام ڪيو پيو وڃي.

هالار جبل جا خاص ٽي ڀاڱا آهن: ڪرُو، کيرٿرُ ۽ پٻُ.

ڪرو جبل: سنڌ جي اتر-اولهه طرف لاڙڪاڻي ضلعي جي سرحد سان آهي. ڪرو جبل جي هڪ شاخ لاڙڪاڻي ضلعي ۾ آهي، جنهن کي ڏاڙهيالو جبل چوندا آهن. هتي هوا ٿڌي ۽ وڻندڙ آهي. هن جبل تي هڪ قبر آهي، جنهن کي ”وفادار ڪتي جي قبر“ چوندا آهن.

کيرٿر جبل: هي دادو ضلعي جي اولهه ۾ آهي، جتي گَڊَ، سَرَهَه ۽ ٻيا شڪار لاءِ جانور گهڻا ٿين ٿا. کيرٿر جبل ۾ ڪيتريون سهڻيون ماٿريون آهن، جيڪي ورسڪاري ڪانپوءِ سرسبز ۽ وڻندڙ ٿيو پون.

کيرٿر واري ڀاڱي ۾ وري ڪيترا ننڍا جبل آهن. جيئن سيوهڻ کان ٻاجارا جهانگارا رستي سان لاهوت لامڪان واري واٽ وٺي وڃبي، ته جتي نئنگ وارو رستو نڪري ٿو، اُتي ”ڪارو جبل“ آهي ۽ اڳتي نئنگ ڳوٺ جي اولهه ۾ ”پٽ جبل“ آهي. اهڙيءَ طرح ڀڳوٺوڙهو، لڪيءَ وارا جبل

ٿرپارڪر ضلعي ۾ ننگرپارڪر جي ڀرسان ڪارونجهر جبل آهي، جتي ڪارو پٿر ملي ٿو. چون ٿا ته، اڳي هيءَ پرندڙ جبل هو.

ٺٽي ۾ مڪليءَ جي ٽڪري آهي، جنهن تي سائي مڪليءَ جي تربت ڪانسواءِ پنج سؤ ڪن قبن وارين قبرون ۽ بيشمار بنا ڍڪ وارين مزارون آهن. هيءَ ٽڪري اٺ ميل ڊگهي ۽ هڪ ميل کن ويڪري آهي، جنهن جي سيني ۾ چٽ ته سنڌ جي سياسي ۽ مذهبي تواريخ پوريل آهي.

## نيون

سڄي بيان ڪيل ڪراچي جي ايراضي ۾ چار نيون آهن جي رڳو برسات جي ڪري وهنديون آهن. برسات جبلن تي جي نه پوي ته ٿلهي جون ٿلهيون. اهي نيون آهن: ٺٽن گاج، جيڪا کيرٿر جبل مان نڪري، وڃيو دادو ڪئنال ۾ پوي؛ ٺٽن باران، جيڪا کيرٿر جبل جي ڪوهستان واري حصي مان نڪري، ڪوٽڙيءَ جي ڏکڻ ۾ سنڌو نديءَ ۾ چوڙ ڪري ٿي؛ ٺٽن ملير، جيڪا ڪوهستان مان نڪري وڃيو، عربي سمنڊ ۾ پوي؛ ٺٽن حب، جنهن کي ”حب ندي“ به سڏيندا آهن، جيڪا برسات جي ڏينهن ۾ ڏاڍي زور سان وهندي آهي، جنهنڪري ڪيترا حادثا ٿي پوندا آهن. حب ندي کيرٿر جبل مان نڪري، ١٢٠ ميل پنڌ ڪري، ڪراچيءَ جي ڀرسان راس مانز جي لڳ عربي سمنڊ ۾ پوي ٿي.

# سامونڊي ڪنارو

سنڌ جو سامونڊي ڪنارو ٿورو ڪڙو ۽ اڻ ٻڳل آهي. انڪري قدرتي بندر ڪين اٿس. اڻ هوندي به سمنڊ جون آهي ڪاريون، جتي سنڌ وندي ڪيٽرن وهڪرن ۾ ورهائجي، ڇوڙ ٿي ڪري، اهڙي نموني جون آهن، جو اڳان گذريل



زماني ۾، دهلي شهنشاهت جي مرڪز دهليءَ، ملبار اپرندي گهاٽن ۽ يونوچ سمنڊ جي ڪنارن تائين هتان جا ٻيڙا ۽ غوراب هلندا هئا. سنه ١٨٣٨ع جو واقعو آهي: جڏهن لطف الله گجراتي، انگريز ريزيڊنٽ جو منشي ۽ فارسيءَ جو استاد ٻڌجي، جهاز رستي، سنڌ ۾ آيو. سنڌ ۾ ڊائريءَ مان

هڪ ورق پيش ڪريان ٿو، جنهن تي عنوان آهي: ”سنڌ ـ ڏانهہ!“ وڌيڪ لکي ٿو تہ: ”پهرين ڊسمبر ١٨٣٨ع جي آڌيءَ رات جو اسان جي جهازن جو آرماڙ سنڌ ڏانهن روانو ٿي ويو. انهن جهازن ۾ انگريزي فوج جي هڪ رجمنٽ سوار هئي. ٻي تاريخ صبح جو اسين ’گهوڙي ڪي چر‘ واري واريءاسي سان اچي مليا سين. گهوڙي ڪي چر، هاڻي هڪ وڏو واريءاسو ڪنارو آهي. ويهہ سال اڳي هتي هڪ گهوڙي بندر نالي بندر هوندو هو، جو هاڻي سامونڊي لهرن هيٺان اچي ويو آهي. انهيءَ واريءاسي ڪناري تي پهچڻ تي جمعي مون کي پاڻي چکي ڏسڻ لاءِ چيو، ۽ منهنجي حيرت جي ڪا حد نہ رهي، جڏهن ڏٺم تہ اسان جي جهاز جي هڪڙي پاسي تازو مٺو پاڻي تہ ٻئي پاسي کان صفا کارو پاڻي وهي رهيو هو! سبب پڇڻ تي مون کي معلوم ٿيو تہ درياءَ جي تکيءَ سير جو تيز وهڪرو ايتري فاصلي تائين سمنڊ اندر تازو مٺو پاڻي کنيو اچي. رات جو ٩ بجي ڌاري اسان، ويڪرباڙ کان ڏهن ميلن جي مفاصلي تي اچي، لنگر هنيون، چوٿين تاريخ فضا نهايت سانتيڪي ۽ هوا بلڪل بند هئي. انڪري اهو سڄو ڏينهن ويڪرباڙ تائين پهچڻ ۾ لڳي ويو. هتي اسان ٻارهن برطانوي جنگي جهاز، ۽ ٻيا جهاز، ۽ سؤ کن بتيلا بيٺل ڏٺا. منهنجو دوست، جهونو ٽنڊيل، واريءاسي ڪناري تي، ڪناري سان لڳي، تازي تباهہ ٿيل هڪ جهاز جي پرسان اچي لانگهائو ٿيو، جنهن تي مون کيس چيو تہ ”هن جهاز جي تباهي، اسان جي لاءِ هڪ قسم جو چتاءُ آهي تہ جيڪڏهن اسين هن جهاز واري قسمت نٿا چاهيون تہ اسان کي ڪناري جي ويجهو اچڻ نہ گهرجي. مگر هن ٻڍڙي دريائي ڌاڙيل جواب ڏنو تہ ان جهاز جو ٽنڊيل يا انڌو هوندو يا جهاز کي ٻوڙڻ ۾ ڪو خاص مقصد هوندو. نہ تہ هتان جا ٻار ٻہ هن ڪناري جي چپي-چپي کان واقف آهن. رات جو

آتان ٽڙي پکڙي، هو مڪران ۽ سنڌ ۾ اچي رهيا، پوءِ جهازراني ۽ مڇيءَ جي شڪار جو ڌنڌو شروع ڪيائون. سنڌ ۾ وارد ٿيڻ کان پوءِ هو سمنڊ جهاڳڻ لڳا ۽ بحري ڦورو بنجي ويا. سنڌ ۾ موجودگيءَ ۾ سنڌ ۾ گهڻا انقلاب ايندا رهيا. اهي ميربحر هئا، جن سرانديپ جي جهازن کي ديبل بندر وٽ ڦري، عرب بيوه عورتن ۽ يتيم ٻارن کي قيد ڪيو.

ماڇي قوم جنهن کي سولنڪي يا سولنگي به چئجي ٿو، اصل ۾ راجپوت راجائون هئا، جن جو مهاراشٽر، سوراشٽر ۽ ملبار تي راڄ هو.

عربن جي پوئين زماني ۾، هُنن سنڌ ۾ "ماڻڪ تاره" رياست قائم ڪئي، جنهن جو حاڪم جيسر پٽ حجه ماڇي سولنڪي هو.

گندرا وري اصلي گندارا جي هڪ سڌريل ۽ دولت سند قوم هئي، جيڪا زماني جي گردش سبب مڇي-مار مهاڻي قوم بنجي ويئي. وري نوري گندريءَ سمي سلطان ڄام تماچيءَ جي راڄ ۾ هن قوم جو سُنهن مٿي ڪيو. نوري نمائيءَ جي نياز ۽ نمرت جو نقشو ڀٽائي گهوٽ هيئن بيان ڪيو آهي:

**ٿئون سٿون آئون گندري، سون ۾ عيبن لڪ،**
**هن منهنجي حالَ جي، توکي سڀ پرک،**
**ڪارڻ رَب" الڪ، ستان ماڳر مڪيين.**

# وزارت تعليم حڪومت پاڪستان اسلام آباد
# جا تيار ڪرايل ڪي پيا ڪتاب

۱. مٺو مرسل — مصنف : علامه غلام مصطفيٰ قاسمي

۲. حضور صلعم جي حياتي جو مختصر احوال — مصنف : سيد سردار علي شاهه

۳. چونڊ جديد سنڌي شاعري — مصنف : تنوير عباسي

۴. پورهيي جو مان — مصنف : ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي

۵. مثالي شاگرد — مصنف : محبوب علي جوکيو

۶. استادن جو ادب — مصنف : محبوب علي جوکيو

۷. جبلن رڻن پٽن ۾ انساني زندگي — مصنف : محمد اسماعيل عرساڻي

۸. سمنڊ جا اسرار — مصنف : ڪريم داد پتافي

۹. ڪلاسيڪي شاعري — مصنف : پروفيسر عطامحمد حامي

۱۰. سڪي گهر — مصنف : عزيزه سومرو

۱۱. لوڪ شاعري — مصنف : ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

۱۲. پاڪستان جا پراڻا شهر — مصنف : رشيد ڀٽي

۱۳. پکين ۽ جانورن جون نصيحت ڀريون ڪهاڻيون — مصنف : اياز قادري

۱۴. ڪڇ جي ڪهاڻي — مصنف : پروفيسر محمد امين ڀٽي

۱۵. شهري حياتي ۽ ڳوٺ — مصنف : ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي

۱۶. سنڌي اردو پهاڪا — مصنف : ڊاڪٽر غلام علي الانا

۱۷. ماڪوڙي، ماکيءَ جي مک ۽ ڪوريئڙي جي حياتي — مصنف : ڊاڪٽر هارون رشيد ميمڻ

۱۸. برک سائنسي ڪوجنائون — مصنف : محمد عثمان ڏيپلائي

۱۹. ٻاراڻا گيت — مصنف : استاد بخاري

۲۰. شهري حياتي ۽ ڳوٺاڻي حياتي — مصنف : قاضي خادم

۲۱. عشقيه داستان — مصنف : اياز قادري

۲۲. ننڍا ناٽڪ — مصنف : محمد اسماعيل عرساڻي

۲۳. گهرو هنر — مصنف : عنايت الله عباسي

۲۴. بدن ۽ ان جو ڪم — مصنف : علي مرتضيٰ ڊاريجو